رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ

# فرامينِ غوثِ اعظم



هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿين وارو
سُنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فَرامينِ غوثِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله   وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله   وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن کي موڪليندو آهي، جن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سَون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن، ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جمعي جي رات (يعني خميس ۽ جُمعي جي درمياني رات) مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهي ٿو. (كَنْزُ الْعُمَّال ،ج۱،ص۲۵۰ ،حديث۲۱۷۴)

يانبی! تجھ پہ لاکھوں دُرُوْد و سلام،   اس پہ ہے ناز مجھ کو ہوں تیرا غُلام
اپنی رحمت سے تُو شاہِ خَیرُالاَنام،   مجھ سے عاصی کا بھی ناز بَردار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوا الله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة**



www.dawateislami.net

**النحل** آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ ماهِ رَبِيۡعُ الآخِر جي يارهين جي رات آهي، هن رات کي پيرانِ پير، پيردَسۡتگِير، روشن ضَمير، سَيِّدُنا شيخ مُحيِيُّ الدّين عبدُالقادر جِيلاني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ سان خاص نِسۡبَت آهي. اڄ جي هن مبارڪ ۽ وڏي رات ۾ اسان، سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي گلستان مان ڪجهه مهڪندڙ مدني گُل چونڊڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. حُضُور غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڏِگهي عرصي تائين پنهنجي ملفوظات، تاليفات ۽ بيانات جي ذريعي ماڻهن کي گمراهي کان بچائيندا ۽ راهِ هدايت تي گامزن فرمائيندا رهيا، سندن جي مَجلسِ وَعظ ۽ نصيحت جو خزانو ۽ گمراهن جي لاءِ هدايت جو نمونو هو. هي سڀ اسان جي پياري آقا، مديني واري مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاص ڪرم



www.dawateislami.net

نوازي هئي، اچو تہ! انهيءَ متعلق ۾ هڪ دِلچسپ واقعو ٻُڌون.

## لُعابِ رسول جي برڪت:

منقول آهي تہ حضرت سَیِّدُنا شيخ عبدُالقادر جِيلاني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪرسي تي ويهي فرمائي رهيا هئا تہ مون حُضُور سيدِعالَم، نُورِمجسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زِيارت ڪئي تہ حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو: پُٽ! تون بَيان ڇو نہ ٿو ڪرين؟ مون عَرض ڪيو: اي منهنجا نانا جان (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)! آئون هڪ عجمي مرد آهيان، بغداد ۾ فُصَحاء (بهترين ڪلام ڪرڻ وارن) جي سامهون بيان ڪيئن ڪريان؟ سَرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو: پُٽ! پنهنجو وات کول! مون پنهنجو وات کوليو، تہ حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن منهنجي وات ۾ ست (7) ڀيرا پنهنجو لُعابِ مُبارڪ وِڌو ۽ مون کي فرمايو: ماڻهن جي سامهون بيان ڪندو ڪر ۽ انهن کي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي طرف عُمده حڪمت ۽ نصيحت سان گُهراءِ! پوءِ مون نمازِ ظُهر اَدا ڪئي ۽ ويهي رهيس، مون وٽ ڪيترائي ماڻهو آيا ۽ مون کي وڏي آواز سان چَوڻ لڳا، ان کان پوءِ مون اَمِيرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عَلي اَلْمُرتَضٰي، شَيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالي وَجْهَهُ الكَرِيم جي زِيارت سان مُشرَّف ٿيس، پاڻ فرمايائون: پُٽ! تون بَيان ڇو نہ ٿو ڪرين؟ مون عَرض ڪيو: اي منهنجا والد! ماڻهو مون سان وڏي آواز سان ڳالهائن ٿا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: پنهنجو وات کول! مون پنهنجو وات کوليو، تہ پاڻ منهنجي وات ۾ ڇهہ (6) ڀيرا لُعاب وِڌو، مون عَرض ڪيو تہ توهان ست (7) ڀيرا ڇو نہ وِڌو؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: رَسُوْلُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ادب جي سبب. پوءِ اُهي منهنجي اکين جي سامهون کان غائب ٿي ويا. (بہجۃالاسرار، ص۵۸،از غوثِ پاک کے حالات:۳۳)

انهي واقعي کان پوءِ حُضُور غوثِ اعظم، سَيدُنا شيخ مُحِيي الدِّيۡن عبدُالقادر جيلاني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ماهِ شَوّالُ الۡمُکرَّم 521ھ هڪ عظيمُ الشّاَن اجتماع ۾ پهريون ڀيرو بيان فرمايو، جنهن ۾ هيبت ۽ رونق ڀريو پُرڪيف منظر هو، اولياءِ ڪرام ۽ فِرِشتن ان کي ڍڪي رکيو هو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ڪتاب ۽ سُنت جي تَصريح سان گڏ ماڻهن کي الله تبارَڪ وَتَعَالي جي طرف گهُرايو ته سڀ ماڻهو اِطاعت ۽ فرمانبرداري جي لاءِ جلدي ڪرڻ لڳا.

(بہجۃالاسرار، ذکروعظہ، ص۱۷۴)

لُعاب اپنا چٹایا احمدِ مختار نے ان کو
تو پھر کیسے نہ ہوتا بول بالا غوثِ اعظم کا

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ جو پهريون بيان!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُضُورغوثِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ اَمِيرُالۡمُؤمِنِيۡن حضرت سَيدُنا عَلي الۡمُرتَضٰي كَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جي ترغيب ڏيارڻ تي ۽ لُعابِ مُبارڪ کان فَيۡض حاصل ڪرڻ بعد پهرين ئي بَيان سان ماڻهن جا دل اوهان جي طرف مائل ٿي ويا ۽ ماڻهن جا ٽولن جا ٽولا اوهان جي صحبتِ بابرڪت کان فيض حاصل ڪرڻ لڳا. سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مَحفل ۾ زِندگي جي تمام شُعبن سان تَعَلُّق رکڻ وارا ماڻهون شريڪ هوندا هئا، عُلَماء ۽ فُقَهاء سڀ جمع هوندا هئا، ”غوث پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مجۡلسِ وَعظ جو هي عالَم هو جو هڪ ئي وَقۡت چار چار سو ماڻهون قلم ۽ دواتون (مَس ڪُپڙيون) کڻي ڪري حاضر هوندا هئا ۽ سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا ملفوظات تحرير ڪندا هئا.“



www.dawateislami.net

(اخبار الاخيار:۱۲)

مُحَرِّر چار سو مجلس میں حاضر ہوکے لکھتے تھے
ہوا کرتا تھا جو اِرشادِ والا غوثِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ مَواعظِ حَسَنہ (چڱين نصيحتن)، صَبر و رِضا، زُهد و تَقويٰ ۽ خوفِ خُدا جا آئينہ دار هئا، پنهنجي وَعظ ۽ نصيحت جي ذريعي مَحَبَّت ۽ اُخُوَّت جو دَرس ڏيندا هئا، ماڻهن کي آخِرت جي طرف مُتَوجه ڪندا هئا، حُبِّ جاه ومال،نِفاق،رِياڪاري،بُغض ۽ ڪيني سميت تمام باطني بيمارين کان بچڻ جو درس ڏيندا هئا، جڏهن تہ دُنيا جي بي ثَباتي؟، ايمان تي پُختَگي، اعمالِ صالحہ (چڱن عملن) جي اَهَميت ۽ ڪامل اَخلاق کي اپنائڻ جي ترغيب بہ ڏيندا هئا، سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا فرامينِ مُقدَّسہ دل مان نڪرندا ۽ دل ۾ گهر ڪري ويندا هئا. شيخ عَبدُالحق محدّثِ دهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِرشاد فرمائن ٿا: حضرت شيخ (عبدُالقادر جيلاني) رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڪا محفل اهڙي نہ هوندي هئي، جنهن ۾ غير مُسلم، اوهان جي دَستِ حق پرست تي دولتِ ايمان کان مُشرف نہ ٿيندا هجن ۽ نافرمان، ڌاڙيل، گمراه ۽ بدمَذهب ماڻهون سندن جي هٿ تي تائِب نہ ٿيندا هجن. جڏهن پنج سو (500) کان وڌيڪ غير مُسلم ۽ لکين سياه ڪار سندن جي هٿ تي تائب ٿي چڪا ۽ پنهنجي بداَعمالين کان باز اچي چڪا هئا تہ بين ماڻهن جي (تعداد) جي باري ۾ چا ٿو چئي سگهجي؟ (هر هڪ توهان جي فرامينِ مُبارڪ کان مُستَفِيد ٿيندو هو) (اخبارالاخيار:۱۳) اَمرٌ بِالْمَعرُوف وَ نَهى عَنِ الْمُنكر يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ جي مُعاملي ۾ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ عملدارن جي پرواه نہ ڪندا هئا ۽ خليفن، وزيرن، سَلاطين ۽ عوام ۽ خواص سيني کي نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا، حضرتِ سَيدُنا امام شمسُ



www.dawateislami.net

الدّين محمد بن احمد ذهبي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: شيخ عبدُا لقادر جيلاني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بر سرِ منبر اعلانِ حق فرمائيندا هئا ۽ جيڪو ڪنهن ظالم کي ماڻهن تي حاڪم بڻائي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ان تي اعتراض ڪندا هئا.

(تاريخ الاسلام للذہبي:۳۹/۹۹)

پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي عمر مُبارَڪ جا 33 سال درس، تَدريس ۽ فَتويٰ نَويسي ۾ گذاريا، جڏهن تہ 40 سال مخلوقِ خُدا ۾ وَعظ ۽ نصيحت جا مدني گُل نچاوَر ڪيا ۽ 90 سال جي عمر ۾ 561ھ ۾ وِصال فرمايو. (اخبار الاخیار: ۹)

سلاطینِ جہاں کیونکر نہ اُن کے رُعب سے کانپیں
نہ لایا شیر کو خطرے میں کتّاِ غوثِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فائديمند ”ڪارتُوس“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي مٿي جا تاج، حُضُور غوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جيئن تہ خُود باعمل هئا، انهيءَ لاءِ سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي نيڪي جي دعوت تي مشتمل ڪلما تاثير جو تِير بڻجي ڪري ماڻهن جي سِينن ۾ پيوست ٿي ويا ۽ اُنهن جي دل جي دُنيا بدلجي ويندي. ياد رکو! جيڪڏهن ڪارتُوس بهترين بندوق سان هَلايو وڃي تہ ان سان شينهن بہ ماريو وڃي سگهجي ٿو، اسان جي نيڪي جي دعوت جا اَلفاظ ”ڪارتُوس“ وانگر آهن ۽ اسان جو ڪردار بندوق جي مثل آهي، جيڪڏهن نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ وارو خُود باعمل هوندو تہ ان جي ڳالهہ ۾ بہ اثر هوندو، تنهنڪري پنهنجي ڳالهہ ۾ تاثير پيدا ڪرڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجي عملي حالت بہ دُرُسّت ڪرڻ گهرجي. حُضُور غوثِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ خُود عمل ڪرڻ جي بغير



www.dawateislami.net

ڪئي ويندڙ نصيحت جي باري ۾ اِرشاد فرمائن ٿا: خُود عمل ڪرڻ جي بغير، ٻين کي نصيحت ڪرڻ، ڪا اَهَميت نہ ٿي رکي. (الفتح الرباني، المجلس العشرون ،ص۷۸)

وڏيڪ فرمائن ٿا: خُود عمل نہ ڪرڻ، ٻين کي نصيحت ڪرڻ ائين ئي آهي، جيئن بغير دروازي جي گهر ۽ ان ۾ گهر جون ضروري شيون بہ نہ هجن ۽ اهڙو خزانو آهي، جنهن مان ڪجهہ خرچ نہ ڪيو وڃي ۽ هي ڳالهہ اهڙي دعويٰ وانگر آهي، جنهن جو ڪو گواهہ نہ هجي. (الفتح الرباني،المجلس العشرون ،ص۷۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪنهن طبيب وٽ هر بيماري جي بهتر کان بهتر دَوا مَوجُود هجي ۽ ٻيا ماڻهو ان مان فائدو بہ حاصل ڪندا هجن، پر جڏهن خُود ان طبيب کي اهو مَرَض لاحِق ٿئي تہ لاپرواهي سان ڪم وٺندو رهي ۽ آخرڪار جان کان هٿ ڌوئي ويهي، تہ ان کي بيوقوف ئي چيو ويندو. بلڪل اهڙي طرح جيڪي ماڻهون ٻين کي تہ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي نصيحت ڪندا آهن، پر پاڻ عمل جي ڪوشش نہ ٿا ڪن، اهي بہ سَراسَر نُقصان ۾ آهن.

نبي مُڪرم، نُورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اِرَشاد فرمايو :"ڪجهہ جنّتي ماڻهو جهنمين جي طرف ويندا، تہ ان کان پُڇندا، توهان جهنَّم ۾ ڪنهن سبب جي ڪري داخل ٿيا، حالانڪہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي قسم! اسان تہ توهان جي ئي تعليم سان جنَّت ۾ داخل ٿيا آهيون. ”تہ اهي چوندا، اسان جيڪا ڳالهہ ڪندا هئاسين، ان تي خُود عمل نہ ڪندا هئاسين.“

(المعجم الكبير،الحديث:۴۰۵،ج۲۲،ص۱۵۰)

عمل کا ہو جذبہ عطا یا اِلٰہی
گناہوں سے مجھ کو بچا یا اِلٰہی
عبادت میں گزرے مِری زِندگانی



www.dawateislami.net

کرم ہو کرم یا خدا یا اِلٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

رسولِ اڪرم، شاهِبني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرْشاد فرمايو :"ماڻهن کي عِلْم سيکارڻ ۽ پاڻ کي وِساري ڇڏڻ واري جي مثال ان ڏيئي وانگر آهي جيڪو ماڻهن کي ته روشني ڏيندو آهي، جڏهن ته پاڻ کي ساڙيندو آهي."

(العجم الکبير، الحديث:۱۶۸۱، ج۲،ص۱۶۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بي عمل مُبَلِّغ جي لاءِ آخرت ۾ ان کان وڌيڪ خَساري جي ڳالهه بي ڇا هوندي جو ان جا بيانات ٻُڌي ڪري عمل ڪرڻ وارا ته جنَّت جون اَبَدي نعمتون حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ۽ هي خُود عمل نه ڪرڻ جي سبب جهنَّم جي عذاب جو مُسْتَحِق بڻجي. تنهنڪري هر مُبَلِّغ ۽ مذهبي شَخْصِيت کي گهرجي ته ماڻهن جي نظر ۾ نيڪ بنجڻ جي بجائي، رِضاءِ اِلٰهي جي خاطِر پنهنجي علم تي عمل جي ڪوشش جاري رکي ۽ ٻين کي به نيڪي جي دعوت ڏيڻ گهرجي.

سُنّتوں کی کروں خوب خدمت ہر کسی کو دُوں نیکی کی دعوت
نیک میں بھی بنوں اِلتجا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انسان جو حقيقي دُشمن!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نَفْس ۽ شيطان، اِنْسان جا حقيقي دُشْمن آهن. ان مان نَفْس ته شيطان کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي، ڇو ته انهيءَ شيطان جي اِيمان



www.dawateislami.net

کي بہ برباد کري ان کي اَبَدِي لَعۡنَتن جو مُسۡتَحِق کري ڇڏيو. حُجَّةُ الۡاِسۡلَام حضرت سيدُنا امام مُحمَّد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”نفس جون گهڻيون ئي معنٰي آهن: (ان مان هڪ هي آهي تہ) نفس ان کي چوندا آهن: جيڪو انسان ۾ شهوت ۽ غُصّي کي اُڀاريندو آهي. صُوفياءِ ڪرام ان لَفۡظ کي اڪثر اِسۡتعمال ڪندا آهن، ڇو جو ان جي نزديڪ نَفۡس مان مُراد انسان ۾ مَذمُوم (بُريون) صِفتون جمع ڪرڻ واري قُوَّت آهي.“ (احياء العلوم ، ۵/۳)

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جنهن پنهنجي نفس جي پيروي ڪئي، نفس ان کي تباهي ۽ بربادي جي کڏ ۾ پهچائي ڇڏيو. نَفۡس جي هلاڪتن کان بچڻ جو طريقو بيان ڪندي سرڪارِ بغداد، حُضُورِ غوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: نَفۡس بُرائي جو ئي مشوَرو ڏيندو آهي، هي ان جي فطرت آهي، هڪ مُدّت کان پوءِ هي اِصۡلاح پذير ٿيندو، تو تي لازِم آهي تہ هر وَقۡت نَفۡس سان مُجاهَدو ڪندا رهو! (يعني ان جي مُخالَفت تي هر وقت تيار رهو) (الفتح الرباني،43 مجلس،۱۳۹، ملتقطاً) هڪ ٻي مقام تي اِرشاد فرمائن ٿا: پنهنجي نفس کي هميشہ چوندا رهو تہ تنهنجي نيڪ ڪمائي توکي فائدو ڏيندي ۽ تنهنجي بُري ڪمائي تنهنجي لاءِ وَبال ثابت ٿيندي، ڪو ٻيو توسان گڏ نہ عمل ڪندو ۽ نہ ئي پنهنجي عملن مان ڪجھ ڏيندو. (اي ڀانها ياد رک!) نيڪ عملَ ڪندو رهجان ۽ نفس سان مُجاهَدو ڪرڻ ٻي حد ضروري آهي، تنهنجو دوست اهوئي آهي جيڪو بُرائي کان روڪي ۽ تنهنجو دُشۡمن اهوئي آهي جيڪو توکي گمراھ ڪري. (الفتح الرباني، 43 مجلس،ص۱۴۰) وڌيڪ فرمائن ٿا: جيستائين نَفۡس نَجاستن ۽ بُري خواهشن کان پاڪ نہ ٿيندو تہ ان کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ جو قُرب ڪيئن حاصِل ٿي سگهي ٿو؟ پنهنجي نَفۡس جي خواهشن ۽ اُميدن کي ختم ڪري ڇڏ، تڏهن ئي تنهنجو نَفۡس تنهنجو مُطِيع بڻجندو. (الفتح الرباني، 43 مجلس، ص۱۴۰)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي نفس جو چيو مڃڻ ۽ ان جي مقابلي کان غافل ٿي وڃڻ سَراسر بي وقوفي آهي. ان لاءِ اسان تي لازمي آهي تہ نَفْس جو مُقابَلو ڪريون ۽ ان کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون، ان جون خواهشون گھٽ ڪريون يعني ان جون لَذتون ڇڏرايون، ان کي وڌ کان وڌ عبادتن جي طرف مائل ڪريون. گڏوگڏ ان جي آفتن ۽ شَرارتن کان بچڻ جي لاءِ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دُعا بہ ڪندا رهون. يقينًا عَقْلمندي جو تَقاضو بہ اهو ئي آهي تہ دُشمن کي دُشمن سمجهي ڪري ان جو مُقابلو ڪيو وڃي، ان کان لاپَرواهہ نہ ٿيڻ گھرجي. شهنشاهِ خُوش خِصال، پيڪرِ حُسن و جمال صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بي مثال آهي: ”عَقْلمند اهو آهي جيڪو پنهنجي نَفْس کي پنهنجو تابعدار بڻائي وٺي ۽ موت کان بعد جي لاءِ عمل ڪري ۽ عاجز (بي وَقُوف) اهو آهي، جيڪو پنهنجي خواهشن تي هلندو هجي ۽ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جي اُميد بہ ڪندو هجي.

(ترمذی،کتاب صفۃ القیامۃ،باب فی اوانی صفۃ الحوض،۲۰۷/۴،حدیث:۲۴۶۷)

اللّٰہ کے نبی سے فریاد ہے نَفْس کی بدی سے
اِیماں پہ موت بہتر او نَفْس! تیری ناپاک زِندگی سے
گھرے پیارے پُرانے دِل سوز گزرا میں تیری دوستی سے

(حدائقِ بخشش: ۱۴۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اولياءِ ڪرام جي صحبتن جا فائدا:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نَفْس کي قابُو نہ ڪرڻ جو هڪ سبب، ان جي سجاڳ نہ هئڻ بہ آهي تہ نَفْس پنهنجي وڪڙ ۾ ڪهڙي طرح ڦاسائيندو آهي، پنهنجون



www.dawateislami.net

چالون کهڙي طرح آزمائيندو آهي.ان جي مَعرفت نہ هئڻ جي سبب جي ڪري بہ ٻانهو نفس جو شڪار ٿي ويندو آهي.نفس جي چالن ۽ ان جي مڪر۽ فريب کي سڃاڻپ جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب ۽ نيڪ ٻانهن جي صحبت اختيار ڪئي وڃي.

حُضُور سَيدُنا شيخ عبدُالقادِر جِيلاني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ان ڳالھ جي طرف نشاندهي ڪندي اِرشاد فرمائن ٿا: مَنۡ اَكۡثَرَ مِنۡ مُّخَالَطَةِ الۡعَارِفِيۡنَ بِاللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ عَرَفَ نَفۡسَهٗ۔ يعني جيڪو شَخۡص الله عَزَّوَجَلَّ جي مَعرِفَت رکڻ وارن ٻانهن (اَوۡلِياءُ الله) جي صحبت ۾ رهندو آهي، تہ اهو پنهنجي نفس کي سڃاڻي وٺندو آهي. (الفتح الرباني، المجلس الرابع والخمسون، ص١٨٠) مزيد فرمائن ٿا: بيشڪ اَوۡلِياءُالله جي صفتن مان هي بہ آهي تہ جڏهن اهو ڪنهن شَخۡص جي طرف نظر ڪن ۽ ان (جي دل) تي تَوجُّھ ڪري ڇڏين تہ ان جي ايمان، يقين ۽ ثابت قدمي ۾ مزيد اضافو ٿي ويندو آهي.

(الفتح الرباني،المجلس الثاني والستون ،ص ٢١٩ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت ۾ رهڻ جي برڪت سان دل جي دُنيا بدلجي ويندي آهي. في زمانو چڱي صحبت حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستگي بہ آهي. اسان کي بہ ان مدني ماحول ۾ رهي ڪري گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۽ اجتماعي طور تي ڏِٺو ويندڙ هفتيوارمدني مذاڪرو ۽ ٻين مدني ڪمن ۾ شرڪت سان گڏوگڏ، هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندو رهڻ گهرجي، عاشقانِ رسول جي صحبت ۽ مدني انعامات تي عمل جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇو جو نيڪ ماڻهن جي گهڙي ڀر جي صحبت، وڏي کان وڏي گناهہ گارن جي بگڙي بڻائي ڇڏيندي آهي. مَنۡقُول آهي تہ هڪ



www.dawateislami.net

پيري سَيِّدُنا غوثِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ مَدِينهء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيمًا جي حاضري ڏئي ڪري پيرين اُگهاڙي بغداد شريف جي طرف اچي رهيا هئا ته رستي ۾ هڪ بينل چور ڪنهن مُسافر کي ڦُرلُٽ جي لاءِ انتظار ڪري رهيو هو، پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جڏهن ان جي ويجهو پهتا ته پُڇيائون: تون ڪير آهين؟ ان جواب ڏنو: ڳوٺاڻو آهيان، پر پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪشف جي ذريعي ان جي مَعصيت (گناهه) ۽ بدڪرداري کي لکيل ڏسي ورتو، ان چور جي دل ۾ خيال آيو: "شايد هي **غوثِ اعظم** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ آهن." سندن کي ان جي دل ۾ پيدا ٿيڻ واري ان خيال جو بہ علم ٿي ويو، تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: آئون **عبدُالقادِر** آهيان. هي ٻُڌندي ئي اهو چور فوراً اوهان جي مُبارڪ قدمن تي ڪِري پيو ۽ ان جي زبان تي يا سَيِّدِي عَبدَالقَادِرشَيئًالِلّٰهِ (يعني اي منهنجا آقا عبدُالقادر! منهنجي حال تي رحم فرمايو) جاري ٿي ويو.

اوهان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ان جي حالت تي رحم اچي ويو ۽ ان جي اصلاح جي لاءِ بارگاهه اِلٰهي ۾ مُتوجهه ٿيا تہ غيب کان ندا آئي: "اي **غوثِ اعظم!** ان چور کي سڌو رستو ڏيکار ۽ هدايت جي طرف رهنمائي فرمائيندي ان کي **قطب** بڻائي ڇڏ." جيئن تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي نگاهِ فيض سان اهو قُطبِيت جي درجي تي فائز ٿي ويو. (سيرت غوث الثقلين،ص١٣٠،از غوثِ پاڪ جا حالات: ٣٨)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو تہ! سرڪارِ بغداد، حُضُورِ غوثِ پاڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي هڪ نگاهِ فيض سان ان چور جي نفس جي سرڪشي ۽ دل جي آلودگي سڀ صاف ٿي وئي ۽ ان کي پاڻ رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ وقت جو قُطب بڻائي ڇڏيو، معلوم ٿيو تہ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي جي نگاهه سان چور، قُطب بڻجي سگهن ٿا تہ اسان جي گناهن جو ميراڻ ۽ دلين جي زنگ کي ڌوئڻ انهن جي لاءِ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟ ان لاءِ اسان کي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ



www.dawateislami.net

السَّلَام جي صحبت ۾ رهڻ گهرجي. اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي قُربت ۽ ان سان مَحَبَّت جا فائدا ٻڌائيندي حضرت احمد بن حرب رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا ته نيڪن سان مَحَبَّت ڪرڻ ان جي صحبت ۾ رهڻ ۽ ان جي اَفۡعال واَقۡوال ڏسي ڪري عمل ڪرڻ، انسان جي دل جي لاءِ سڀ ڪان وڌيڪ نَفۡعي بخش آهي.

(تنبیہ المغترین،الباب الاوّل،غیرتہم اذا نتہکت حرماتہ،ص۴۱)

گناھوں کے امراض سے نیم جاں ہوں
پئے مرشدی دے شفا یاالٰہی
بنادے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ
گناھوں سے ہر دم بچا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## آخِرت جي باري ۾ غورءِ فڪر ڪريو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ رهو، گناهن کان بچو، خُوب خوب نيڪيون ڪريو، دُنيا جي فاني رونقن کان منهن موڙيو ۽ فڪرِ آخرت ڪندي، ان جي تياري ۾ مگن رهو. **ياد رکو!** دُنيا جي حَيثيت هڪ گُذرگاهه (رستي) وانگر آهي، جنهن کي طي ڪرڻ کان پوءِ ئي اسان منزل تائين پهچي سگهون ٿا، هاڻي اها منزل جنّت هوندي يا جهنّم! اِن جو اِنۡحِصار ان ڳالهه تي آهي ته اسان هي سفر ڪهڙي طرح طي ڪيو؟ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۾ طي ڪيو يا اُن جي نافرماني ۾؟ افسوس آهي اُن تي، جيڪو دنيا جي رنگينيون ڏسي ڪري ان جي ڌوڪي ۾ مبُتَلا رهي ۽ موت کان هڪ دم غافِل ٿي وڃي.

حُضُور غوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ خوابِ غفلت کان بيدار ڪندي فرمائن ٿا: اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا ٻانها! پنهنجي اُميدن کي وساري ڇڏ! پنهنجي حرص جي چادر



www.dawateislami.net

کي ويڙهي ڇڏ! ۽ رُخصَت ٿيڻ واري جيان نماز پڙهندو ڪر (يعني هر نماز کي آخري نماز سمجهي ڪري پڙهندو ڪر!) ياد رک! مومن جي لاءِ هي مُناسِب نہ آهي تہ اهو ان حال ۾ سمهي جو ان جي تحرير شُده وَصيت ان جي سيراندي نہ رکيل هجي. (الفتح الرباني،المجلس الثاني والستون ،ص ٢٢٠) يعني غوثِ پاڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اسان کي هي احساس ڏياري رهيا آهن تہ موت ڪنهن بہ وَقت اچي سگهي ٿي، ان لاءِ ٻانهو هر ڏينهن کي پنهنجو آخري ڏينهن، هر نماز کي آخري نماز ۽ هر ننڊ کي پنهنجي آخري ننڊ سمجهي. مزيد فرمائن ٿا: اي ٻانها تنهنجو ڪاٺ پيئڻ، اهل و عيال ۾ رهڻ سَهڻ ۽ پنهنجي دوست اَحباب سان ملڻ جُلڻ، هڪ رُخصَت ٿيڻ واري شَخص جيان هئڻ گهرجي، ان لاءِ جو اهو شخص جنهن جي زندگي جي رَسي ۽ تمام اِختِيارات ٻي ڪنهن جي قبضي ۾ هجن، ان کي اهڙي طرح دُنيا ۾ رهڻ گهرجي. (الفتح الرباني،المجلس الثاني والستون ،ص ٢٢٠)

فڪرِ آخرت کان غافل ماڻهن کي تنبيهه ڪندي حُضُور غوثِ پاڪ اِرشاد فرمائن ٿا: (اي نادان انسان!) ٿورو غور ڪر! جڏهن هن فَنا ٿيڻ واري دُنيا جو حُصُول بغير محنت ۽ مَشَقَّت جي ممڪن ناهي (يعني دُنيا جي فاني نعمتن جي لاءِ محنت ڪرڻي ٿي پوي) تہ اُها شيءِ جيڪا اللہ عَزَّوَجَلَّ وٽ آهي (۽ هميشہ رهڻ واري آهي) ان جو بغير رياضت ۽ محنت جي ملڻ ڪهڙي طرح ممڪن آهي؟

(الفتح الرباني،المجلس الثاني والستون ،ص ٢٢٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ بغداد، حُضُورِ غوثِ پاڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اسان کي دُنيا جي فاني رونق کان جان ڇڏائڻ ۽ قَبر ۽ حشر جي تياري جو ذِهَن بنائڻ جي ترغيب ڏياري رهيا آهن. واقعي عَقلمند اهو آهي، جيڪو موت کان پهريان موت جي تياري ڪندي نيڪين جو ذَخِيرو جمع ڪري وٺي ۽ سُنتن جو **مَدَني چراغ** قَبر ۾ گڏ کڻي وڃي ۽ اهڙي طرح قَبر جي روشني جو



www.dawateislami.net

اِنتِظام ڪري وٺي، نہ تہ قَبَر هرگز هي لحاظ نہ ڪندي تہ منهنجي اندر ڪير آيو آهي! امير هجي يا فقير، وزير هجي يا ان جو مُشِير، حاڪم هجي يا محڪوم، افسر هجي يا چپڙاسي، سيٺ هجي يا مُلازِم، ڊاڪٽر هجي يا مريض، ٺيڪيدار هجي يا مزدور، جيڪڏهن ڪنهن سان گڏ بہ آخِرت جي سامان ۾ ڪمي رهي، نَمازون قصدًا (جاڻي واڻي ڪري) قضا ڪيون، رَمَضان شريف جا روزا بِلاعُذر شَرعي نہ رکيا، فَرض هوندي بہ زڪوٰة نہ ڏني، حج فرض هو پر اَدا نہ ڪيو، باوُجُودِ قُدرت شَرعي پردو نافِذ نہ ڪيو، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪئي، ڪوڙ، غيبت، چُغلي جي عادت رهي، فلمون، ڊراما ڏسڻ جو معمول رهيو، گانا باجا ٻُڌڻ جو معمول رهيو، ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مُٺ کا گهٽائڻ جو معمول رهيو، اَلغَرَض خُوب گناهن جو بازار گرم رکيو ويو، تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ناراضي جي صُورت ۾ سوائي حَسرت ۽ نَدامت جي ڪجهہ هٿ نہ ايندو.

دِلا غافل نہ ہو یک دَم یہ دُنیا چھوڑ جانا ہے
بغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سَمانا ہے
تُو اپنی موت کو مت بُھول کر سامان چلنے کا
زمیں کی خاک پر سونا ہے اِینٹوں کا سرہانا ہے
جہاں کے شُغل میں شاغِل خُدا کے ذِکر سے غافل
کرے دعویٰ کہ یہ دُنیا مرا دائم ٹھکانا ہے
غُلام اِک دَم نہ کر غفلت حیاتی پر نہ ہو غرّہ
خُدا کی یاد کر ہر دم کہ جس نے کام آنا ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خوفِ خدا!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان حقيقت کان ڪنهن مسلمان جو اِنڪار نٿو ٿي سگهي، تہ هن مختصر زندگي کان پوءِ هر هڪ کي پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي ڪري سيني عملن جو حِساب ڏيڻو آهي. جنهن ڪان پوءِ رَحمتِ الٰهي اسان جي طرف مُتوجهہ ٿيڻ جي صُورت ۾ ،جنّت جون اعليٰ نعمتون اسان جو مُقدّر بڻجنديون يا وري معاذالله عَزَّوَجَلَّ گناهن جي شامت جي سبب، جهنّم جون هولناڪ سزائون اسان جو نصيب ٿينديون . تنهنڪري دُنياوي زندگي جي رونقن، مسرتن ۽ رعنائين ۾ گُم ٿي ڪري حِسابِ آخرت جي باري ۾ غفلت جو شڪار ٿي وڃڻ يقينًا ناداني آهي. ياد رکو! نَجات انهيءَ ۾ آهي تہ اسان رَبِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي پياري حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احڪامن تي عمل ڪندي، پنهنجي لاءِ نيڪين جو ذخيرو جمع ڪريون ۽ گناهن جي اِرتڪاب کان پرهيز ڪريون. ان مَقصدِ عَظيم ۾ ڪاميابي جي لاءِ دل ۾ خوفِ خدا جو هئڻ بي حد ضَروري آهي. ڇو جو جيستائين هيءَ نعمت حاصل نہ ٿيندي، گناهن کان فرار ۽ نيڪين سان پيار تقريبًا ناممڪن آهي. حضرت سَيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانها! تُون الله عَزَّوَجَلَّ کان بي خوف نہ ٿي بلڪ خوف کي لازم پڪڙ، جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جنّت ۽ جهنّم کي پيدا نہ فرمائي ها تڏهن بہ ان جي ذات ان ڳالهہ جي مُستَحِق هئي تہ ان کان خوف ڪيو وڃي ۽ ان کان اُميد رکي وڃي. (الفتح الربانی،المجلس التاسع عشرفی مخافة الله،ص۷۵،۷۶)

**ياد رهي!** خوفِ خدا مان مُراد صِرف هي ناهي تہ قَبر ، حشر ۽ حساب و ميزان وغيره جا حالات ٻُڌي يا پڙهي ڪري فقط ڪجهہ آهہ ۽ زاري ڪرڻ ...يا... پنهنجي مٿي کي ڪجهہ دفعا هيڏانهن هوڏانهن گهمائڻ...يا... افسوس وچان هٿ مَلڻ يا اکين مان ڪجهہ لڙڪ وَهائڻ بلڪ اُن سان گڏوگڏ خوفِ خدا جي عملي تَقاضن کي پُورو ڪندي يعني گناهن کي ڇڏي ڏيڻ ۽ اطاعتِ الٰهي ۾ مَشغول ٿي وڃڻ ، اُخرت ۾ ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ بي حد ضروري آهي.



www.dawateislami.net

حُضُورغوثِ پاڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: (اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانهؤ!) ان جي ذات جو طالب بڻجي ڪري ان جي اطاعت ڪريو، اُن جي اَحڪامن کي بجا آڻڻ، ان جي ممنوعات (منع ڪيل) کان باز رهڻ ۽ان جي قضا ۽ قَدر تي صَبر ڪرڻ ۾ ان جي اطاعت آهي، توهان ان جي بارگاهه ۾ توبهه ڪريو ۽ اُن جي سامهون خُوب خُوب عاجزي ۽ گِريو ۽ زاري ڪريو ۽ جڏهن توهان صِدقِ دل سان توبهه ڪندؤ ۽ اَعمالِ صالحه تي هميشگي اِختيار ڪندؤ، ته الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي نَفعو عطا فرمائيندو. (الفتح الربانی،المجلس التاسع عشرفی مخافۃ اللہ،ص۷۵)

اسان کي به پنهنجو مُحاسَبو ڪرڻ گهرجي ته هاڻي تائين اسان پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترا ئي ساهه کڻي چڪا آهيون، ٻچپن، جواني ۽ پوڙهپ، پنهنجي عُمر جو ڪيترو عرصو اسان گذاري چڪا آهيون؟ انهي دوران ڪيترا دفعا اسان خوفِ خدا کي پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيو؟ ڇا ڪڏهن اسان جي بدن تي به الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف کان لرزو طاري ٿيو؟ ڇا ڪڏهن اسان جي اکين مان خَشيتِ الٰهي جي سبب ڳوڙها جاري ٿيا؟ جيڪڏهن جواب ها ۾ هجي ته سوچيو، ته ڇا اسان ان ڪيفيتن کي محسوس به ڪيو، ته ڇا خوفِ خدا جي عملي تَقاضن کي پُورو ڪندي بقايا زِندگي الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۾ گذارڻ جي سعادت حاصل آهي؟ يا فقط ان ڪيفيتن جي دل تي طاري ٿيڻ سان مُطمئِن ٿي وياسين ته اسان الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارن مان آهيون ۽ مختلف گناهن سان پنهنجو نامهء اعمال ڪارو ڪرڻ جو عمل مسلسل جاري رکيو آهي ۽ جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب نفي ۾ اچن ته غور ڪريو، ڪٿي ائين ته ناهي ته گناهن جي ڪثرت جي نتيجي ۾ اسان جو دل سَخت کان سَخت تَر ٿي چڪو هجي، جنهن جي سبب اسان ان ڪيفيتن کان اڃا تائين نا آشنا آهيون. جيڪڏهن واقعي ائين آهي ته مقامِ تَشوِيش آهي



www.dawateislami.net

تہ اسان جي قساوتِ قَلْبي (دل جي سختي) ۽ اُن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيڻ واري غَفْلت، ڪٽي اسان کي جهنّم جي گهرائين ۾ نہ ڌِڪي ڇڏي.

سلسلہ آہ! گناھوں کا بڑھا جاتا ہے
نِت نیا جُرم ہر اِک آن ہوا جاتا ہے

آہ! جاتی نہیں ہے عادتِ یاوہ گوئی
وَقْت انمول یُوں برباد ہوا جاتا ہے

اپنی اُلفت کا مجھے جام پِلا دو ساقی!
قَلب دُنیا کی محبَّت میں پھنسا جاتا ہے

(وسائلِ بخشش،ص:432)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا انسان کان گُناھ ٿي ويندا آھن، پر ان تي هميشگي اِخْتيار ڪري وڃڻ ۽ توبھ کي بلڪل وساري ڇڏڻ وڏي بدنصيبي آھي. پيرن جا پير، روشن ضمير، شيخ عبدُالقادر جيلاني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: **اي مسلمانو!** جيستائين زندگي جو دروازو کليل آھي، ان کي غنيمت سمجهو تہ اھو عنقريب تو تي بند ڪيو ويندو، جيتري قدر نيڪ عمل ڪرڻ جي قُدرت رکندا هجو، ان کي غنيمت سمجهو ۽ توبھ جي دروازي کي غنيمت سمجهو تہ جيستائين اھو کليل آھي،ان ۾ داخِل ٿي وڃو.

(الفتح الربانی،المجلس الرابع فی التوبۃ،ص٢٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آئي ڏينهن ڪنيا ويندڙ جَنازا ۽ آئي ڏينهن رُونُما ٿيڻ وارا عبرت ناڪ واقعا اسان کي خبردار ڪندي ۽ جهنجهوڙيندي، موت کان پهريان حياتي کي غنيمت سمجهڻ جي صَدا ڏئي رهيا آھن، پر اِن کي اھو ئي ڪن لڳائي ٻڌندو آھي، جنهن کي آخِرت جي بهتري جي فِڪر دامن گير هوندي آھي. آئي ڏينهن موت کان هم ڪنار ٿيڻ وارن ۾ جَوان، پوڙھا ۽ ٻار بہ هوندا آھن، موت ڪنهن جي عُمَر ۽ مرتبو ناهي ڏسندو، ڪنهن نادار ۽



www.dawateislami.net

مالدار جي پرواھ ناھي ڪندو، ڪنھن جي مشغوليت يا فُرصَت ڪي ناھي ڏسندو، موت! سَاھ پُورا ٿي وڃڻ تي گھڙيءَ ڪن ۾ قبر جي حوالي ڪري ڇڏيندو آھي. تنھنڪري زندگي کي غنيمت ڄاڻيندي اڄ ئي گناھن تي نادم ٿي ڪري سچي توبھ ڪريو، جيڪڏھن ٻيھر گناھ ٿي وڃن تہ ٻيھر توبھ ڪري وٺو. سيپاري 6 سُوْرَۃُالْمَائِدَہ جي آيت نمبر 39 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَ اَصْلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ يَتُوْبُ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۹﴾

تَرْجَمو ڪنز الايمان: سو جيڪو پنھنجي ظلم کان پوءِ توبہ ڪري ۽ پاڻ سُڌري وڃي تہ اللّٰه پنھنجي مهر سان ان تي رجوع فرمائيندو بيشڪ اللّٰه بخشنيدڙ مهربان آھي.

سيپاري 18 سُوْرَۃُالنُّوْر ،آيت نمبر 31 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

وَ تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۱﴾

تَرْجَمو ڪنز الايمان : ۽ اللّٰه جي طرف توبه ڪريو اي مسلمانو سموري جا سمورا هن اميد تي تہ توھان ڇٽڪارو لھو.

حضرتِ سَيِدُنااِسمَاعِيل حَقِّي رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان آيت جي تحت فرمائن ٿا: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تمام مسلمانن کي توبھ ۽ اِستِغفَار جو حڪم فرمايو،ان لاءِ جو انسان فطرةً ڪمزور آھي، باوُجُود ڪوشش جي اھو ڪا نہ ڪا غلطي ڪري ڇڏيندو آھي. اِمَام قُشَيرِي رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: ”توبھ جو سڀ کان وڌيڪ محتاج اھو آھي، جيڪو پنھنجي لاءِ توبھ جي ضرورت محسوس نہ ڪري. اِن آيتِ مُبارَڪ ۾ رَبِّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي صِفَتِ سَتّاري جو تمام گھڻو ظھور آھي تہ ان تمام اَھلِ ايمان کي توبھ جو حڪم ارشاد فرمايو، تہ جيئن مُجرِم رُسوا نہ



www.dawateislami.net

تين، چو جو جيڪڏهن صرف مُجرِمن کي خطاب هجي ها تہ اُن جي رُسوائي ٿئي ها، ان فرمان مان اُميد ٿي پوندي آهي تہ جيئن دُنيا ۾ رُسوا ناهي ڪيو ، ائين ئي آخرت ۾ بہ رسوا نہ ڪندو.'' (تفسير روح البيان، پ١٨، النور، تحت الاية:٣١، ١٤٥/٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت بي حَد ۽ بي حساب آهي تہ اُن جا گُناهه گار ٻانها چاهي ان جون ڪيتريون ئي نافرمانيون ڪندا رهن، ڏينهن رات اُن جي حقن جي پامالي کان بہ پاسو نہ ڪندا هجن، پر پوءِ بہ اهو ڪريم رَبّ عَزَّوَجَلَّ اسان کي مُسلسل مهلت ڏئي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن اسان سچي توبهہ ڪري وٺون تہ اسان جون سمورين خَطائن کي مُعاف فرمائي ڇڏي، ايترو نہ بلڪ پنهنجي ٻانهن تي رحمتن جي مزيد عطائون ڪندي ان جي تمام گناهن کي بہ نيڪين سان بدلي ڇڏيندو آهي. جيئن تہ سيپاري 19، سُوْرَةُ الْفُرْقَان جي آيت نمبر 70 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اِلَّا مَنْ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓىٕكَ یُبَدِّلُ اللّٰهُ سَیِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِیْمًا(۷۰)

تَرجَمو ڪنز الايمان: مگر جيڪو توبه ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ چڱا ڪم ڪري پوءِ اهڙن جي برائين کي اللّٰه چڱاين سان بدلي ڇڏيندو ۽ اللّٰه بخشڻهار مهربان آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ اسان جو رحيم ۽ ڪريم رَبّ عَزَّوَجَلَّ اسان کي ڪهڙي طرح توبهہ جي ترغيب ڏياري رهيو آهي ۽ ان تي ڪهڙيون ڪهڙيون عظيم بشارتون بہ ٻُڌائي رهيو آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي اهڙي ڪرم نوازين کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪو گناهن جو عادي رهي ۽ توبهہ ۾ تاخير ڪندو رهي تہ ان کان وڌو نادان ڪير هوندو؟ اچو تہ! توبهہ جي اَهميت، دِل ۾ ويهارڻ ۽ گناهن کان پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ توبهہ جي فضيلت تي بہ فرامينِ



www.dawateislami.net

مُصطفٰي ٻُڌون:

1. ”سڀ انسان خَطاڪار آهن ۽ خطاڪارن ۾ بهتر اُهي آهن، جيڪي توبهه ڪري وٺندا آهن.“ (سنن ابن ماجه، ڪتاب الزهد، باب ذڪر التو به، رقم ۴۲۵۱ ،ج۴، ص ۴۹۱)

2. ”جيڪو ان ڳالهه کي پسند ڪندو آهي تہ ان جو نامہء اعمال ان کي خُوش ڪري، تہ ان کي گهرجي تہ ان ۾ اِستِغفار جو اِضافو ڪري.“

(مجمع الزوائد ،ڪتاب ، التوبة ، باب الاڪثار من الا ستغفار ،رقم ۱۷۵۷۹، ج۱۰، ص ۳۴۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ مزاراتِ اولياء:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي بيان ڪيل فرامين کي ٻُڌي ڪري توبهه جي توفيق ملندي آهي، انهن جي سيرتِ مُبارَڪ کي پڙهي ڪري نَفسِ اَمَّارَه کي قابُو ڪرڻ جي همّت پيدا ٿيندي آهي ۽ عبادت ۽ اِطاعت واري زِندگي گذارڻ جو ذِهَن بڻجندو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي تحت ماڻهن جي دِلين ۾ اولياءُاللّٰه جي محبت ۽ عقيدت وڌائڻ جي لاءِ هڪ شُعبو ”مزاراتِ اَوْليا“ قائم آهي. ان شعبي جي تحت ٻين مدني ڪمن سان گڏوگڏ بُزرگانِ دين جي مزارن تي حاضر ٿي ڪري مختلف دِيني خدمتون سَراَنجام ڏيڻ مثلاً وَس آهر صاحبِ مزار جي عُرس جي موقعي تي اِجتماعِ ذڪر و نعت جو اِنعقاد ڪرڻ، مزارن سان مُلَحِق (گڏيل) مسجِدن ۾ عاشِقانِ رسول جا مَدَني قافلا سفر ڪرائڻ ۽ بالخصوص عُرس جي ڏينهن ۾ مزار شريف جي احاطي ۾ سنّتن ڀريا مَدَني حلقہ لڳائڻ جو سلسلو هوندو آهي، جنهن ۾ وُضو، غسل، تيّمم، نماز ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو، مزارن تي



www.dawateislami.net

حاضريءَ جا آداب ۽ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون سُنتون سيڪاريون وينديون آهن گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماعن ۾ شرڪت، مدني قافلن ۾ سفر ۽ مدني انعامات تي عمل جي ترغيب بہ ڏياري ويندي آهي، عُرس جي ڏينهن ۾ صاحبِ مزار جي خِدمت ۾ وڏ ڪان وڏ اِيصالِ ثواب جا تحفا پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي گڏوگڏ ممڪنہ صُورت ۾ صاحبِ مزار بُزرگ جي سَجاده نشين، خُلَفَا ۽ مَزارن جي مُتَوَلِّي صاحبان سان وقتًا فوقتًا ملاقات ڪرڻ انهن کي دعوتِ اسلامي جي خدمتن، جامعاتُ المدينہ ۽ مدارِسُ المدينہ ۽ بيرونِ ملڪ ۾ ٿيڻ وارن مَدَني ڪمن کان آگاهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُضُور سَيِدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن هميشہ پنهنجي مُبارَڪ فرامين جي ذريعي پنهنجي نانا جان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري اُمَّت جي اِصلاح ۽ تَربيت فرمائي، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن نيڪ ماڻهن کي نيڪين تي گامزن رهڻ جڏهن تہ گُناهہ گارن ۽ دُنيا دارن کي دُنيا جي مَحَبَّت کي ڇڏي ڪري عشقِ حقيقيءَ جو جام پيئڻ جو درس ڏنو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي نَظَرِ وِلايت ۽ فَرامينِ عاليہ سان ڪيترائي ماڻهون راهِ راسٿ تي اچي ويا. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ نَفساني خواهشن کي ختم ڪرڻ ۽ اللہ



www.dawateislami.net

عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت سان وابسته رهڻ ۽ نَفّس جو علاج تجويز فرمايو، اهڙي طرح پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن هميشه فڪرِ آخرت ۾ سرشار رهڻ ۽ پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، نفس ۽ شيطان تي قابُو ڪرڻ جو هڪ طريقو، پنهنجي دل ۾ خوفِ خدا جي شمع روشن ڪرڻ به ٻڌايو .

اي ڪاش اسان کي به الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف نصيب ٿي وڃي ته نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ نهايت آسان ٿي سگهي ٿو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻارنهن مَدَني ڪمن مان روزاني جو هڪ مدني ڪم "مَدرَسةُ المدينہ برائي بالغان"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بُزرگن جي نَقّشِ قدم تي هلندي، سُنتن تي عمل ڪرڻ ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصّو وٺو. دعوتِ اسلامي جي ٻارنهن مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم "مدرسةُ المدينہ برائي بالغان" به آهي. قرآنِ مجيد، فُرقانِ حميد رَبُّ الاَنام عَزَّوَجَلَّ جو مُبارَڪ ڪلام آهي، ان کي پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ٻُڌڻ ٻُڌائڻ سڀ ثواب جو ڪم آهي، پر هي ثواب ان وَقّت ملندو، جڏهن ته دُرُسّتَ تَلفُّظ سان گڏ پڙهيو وڃي، نہ ته اڪثر ڪري ثواب جي بجائي ٻانهو عذاب جو مُسّتَحِق بڻجي ويندو آهي. امامِ اهلسُنت، مولانا شاھ امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: "بيشڪ ايتري تجويد جنهن سان تَصحيحِ (تَصّ.حِي .ح ) حُروف ٿئي (قواعدِ تجويد جي مطابِق حُرُوف (اکرن) کي دُرُست مخارِج سان اَدا ڪري سگهي) ۽ غَلَط خواني (يعني غلط پڙهڻ) کان بچي، فرضِ عَين



www.dawateislami.net

آهي.” (فتاویٰ رضویہ مُخَرَّجہ ج۶ ص ۳۴۳) قرآنِ مجيد پڙهڻ، پڙهائڻ باعثِ فضيلت آهي، جيئن تہ نبي مُكرَّم، نُورِمُجسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظّم آهي: خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَهٗ. يعني توهان مان بهترين شخص اهو آهي، جنهن قرآن سيکيو ۽ ٻين کي سيکاريو. (صَحِيحُ البُخارِی ج ۳ ص ۴۱۰ حديث ۵۰۲۷)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغِ قرآن و سُنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي تحت دُنيا جي مختلف ملڪن ۾ بي شمار مَدارِس بنام مَدرَسةُ المَدِينہَ براءِ بالغان قائم آهن، انهن سڀني مدرسن ۾ فِيْ سَبِيْلِ الله دُرُست تلفّظ سان گڏ قرآنِ پاڪ پڙهايو ويندو، مختلف دعائون ياد ڪرايون وينديون آهن ۽ سنّتون بہ سيکاريون وينديون آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَرسةُ المدينہ براءِ بالغان جي برڪت سان ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن جي اِصلاح ٿي چڪي آهي. اچو تہ انهيءَ حوالي سان هڪ ايمان افروز مَدَني بهار ٻڌون ٿا.

## منهنجي زِندگي ۾ بهار اچي وئي:

زم زم نگر، حيدرآباد (بابُ الاسلام،سنڌ) جي علائقي آفندي ٽاؤن جي مقيم هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو لُبِّ لُباب آهي: آئون هڪ فيشن پرست نوجوان هئس، دُنيا جي موج مستي ۾ گُم، پنهنجي آخرت جي اَنجام کان غافل زندگي جا ڏينهن گذاري رهيو هئس تہ منهنجي سُتل قسمت جاڳي پئي، مون کي مَدَرسةُ المدينہ (براءِ بالغان) جون روحاني فضائون تہ ڇا ميسر آيون، منهنجي تہ خوش بختي جي سفر جو آغاز ٿي ويو. مَدَرَسَةُ المدينہ (براءِ بالغان) جي برڪتن منهنجي دل جي ڪارهہ کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطفٰي جي ڏيئي سان مُنوَّر ڪري ڇڏيو. ان ۾ مون کي قرآنِ ڪريم جي تعليم سان گڏوگڏ سُنتن تي عمل جو جذبو بہ مليو ۽ هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي



www.dawateislami.net

سعادت بہ نصيب ٿي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسةُ المدينہ (برائي بالغان) ۾ پڙهڻ جي برڪت سان منهنجي زندگي ۾ مدني بهار اچي وئي، فيشن پرستي ۽ موج مستي کان نجات حاصل ٿي وئي ۽ آئون دعوتِ اسلامي جي مهڪندڙ مهڪندڙ مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني قافلہ ذمہ دار جي حيثيت سان مَدَني ڪمن جي ڌومون مچائڻ جي سعادت حاصل آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشْكَاةُ الْمَصابِيح ،ج١ ص٥٥ حديث ١٧٥ دارالكتب العلمية بيروت )

سينہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا

جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڪثر ڪري اسان کي سفر جي ضرورت پيش ايندي آهي. تنهن ڪري اسان ڪوشش ڪري سفر جون بہ ڪجھ نہ ڪجھ سنّتون ۽ آداب سکي وٺون تہ جيئن انهن تي عمل ڪري اسان پنهنجي سفر کي بہ ثواب حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻائي سگهون.

﴿1﴾ ٿي سگهي تہ خميس واري ڏينهن کان سفر جي شروعات ڪئي وڃي ڇوتہ خميس تي سفر جي شروعات ڪرڻ سنّت آهي. (اشعۃاللمعات،ج٥،ص١٦١)

﴿2﴾ جيڪڏهن سهولت هجي تہ رات جو سفر ڪيو وڃي ڇوتہ رات جو سفر جلدي طئي ٿيندو آهي.



www.dawateislami.net

﴿3﴾ جيڪڏهن ڪجهه اسلامي ڀائر گڏجي قافلي جي صورت ۾ سفر ڪن ته ڪنهن هڪ کي امير بڻائي وٺو.

﴿4﴾ هلڻ وقت عزيزن، دوستن کان غلطيون معاف ڪرايو ۽ جن کان معافي گهري وڃي انهن تي به لازم آهي دل سان معاف ڪري ڇڏين.

(بہارِ شریعت،حصہ ۶،ص۱۹)

﴿5﴾ سفر جو لباس پائي جيڪڏهن مڪروهه وقت نه هجي ته گهر ۾ چار رڪعتون نفل،"الحمد ۽ قل" سان پڙهي ٻاهر نڪرو، اهي رڪعتون واپسيءَ تائين گهروارن ۽ مال جي نگهباني ڪنديون.

﴿6﴾ اسان جڏهن به سفر تي روانا ٿيون ته اسانکي گهرجي ته اسان پنهنجي گهروارن ۽ مال کي الله عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪري وڃون، الله تبارڪ وتعاليٰ ئي سڀ کان بهتر حفاظت ڪرڻ وارو آهي. بلڪ تي سگهي ته پنهنجي گهروارن لاءِ هي جملا چئي سفر تي روانا ٿيون. اَسْتَوْدِعُکَ اللهَ الَّذِیْ لَایُضِیْعُ وَدَائِعَهٗ۔ **ترجمو:** مان توهانکي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪيان ٿو جيڪو حوالي ڪيل امانتن کي ضايع ناهي ڪندو. (سنن ابن ماجه، کتاب الجهاد، باب تشبيع الغزوة وداداعهم الحديث 2825ج 3،ص 372)

﴿7﴾ واپار لاءِ سفر ڪرڻ وارن اسلامي ڀائرن کي گهرجي ته هي پنج سورتون پڙهندا ڪن. (1) قل يا ايها الكٰفرون آخر تائين. (2) اذا جاءَ نصر الله والفتح آخر تائين،(3) قل هو الله احد آخر تائين. (4) قل اعوذ برب الفلق آخر تائين. (5) قل اعوذ برب الناس آخر تائين.

﴿8﴾ جڏهن سيڙهين تي چڙهو يا اونچي جڳهه جي طرف هلو، يا اسان جي بس وغيره ڪنهن اهڙي روڊ وٽان گذري جيڪا اونچائي جي طرف وڃي ته "اَللّٰهُ اَكْبَرْ" چوڻ سُنت آهي ۽ جڏهن سيڙهين تان لهون ته "سُبْحَانَ اللهِ" عَزَّوَجَلَّ چوڻ سُنت آهي. مسافر کي گهرجي ته اهو دعا کان غفلت نه ڪري جو اهو



www.dawateislami.net

جيستائين سفر ۾ آهي ان جي دُعا قبول ٿيندي آهي بلڪ جيستائين گهر نہ پهچي وڃي ان وقت تائين دعا مقبول آهي.

﴿9﴾ منزل تي لهڻ وقت وقتًا فوقتًا اها دُعا پڙهو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر نقصان کان بچنداسين. دُعا هي آهي: اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّآمَّاتِ مِنْ شَرِّمَا خَلَقَ۔ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪَلِماتِ تام جي پناهہ گهُران ٿو ان جي شر کان جنهن کي اُن پيدا ڪيو.

(كنز العمال ،كتاب السفر ،الفصل الثانی فی آداب السفر،الحديث ١٧٥٠٨،ج٦،ص٣٠١)

﴿10﴾ سفر جي واپسي تي گهروارن جي لاءِ ڪو تحفو وٺي اچو جو هي سُنت مبارڪ آهي. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن سفر کان ڪو واپس اچي تہ گهروارن جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ تحفو آڻي، چاهي جهولي ۾ پٿر ئي وجهي اچي.

(كنز العمال ،كتاب السفر ،الفصل الثانی فی آداب السفر ،الحديث ١٧٥٠٢،ج٦ ،ص٣٠١)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر
سنتیں سیکھیں گے اس میں اِنْ شَآءَاللہ سر بسر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

---

[1] …افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] …افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الحادیة عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(3)

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَۃُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(4)

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(5)

---

3...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

4...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

5...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[6] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[7] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net